ماهوار

# سهڻي

فيبروري ١٩٧٣ع



معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

فيبروري – ۱۹۷۳ع

سکينه ميمڻ ڪاليج لائبريري
ڪتاب نمبر (683)

سال: ۴

نمبر: ۲

ايڊيٽر

طارق اشرف

قيمت: ۲–۰۰

سال لاءِ: ۲۰–۰۰ رپيا



SOHNI PUBLISHERS
F/45-750 WEST KUTCHA
HYDERABAD. SIND.

سهڻي پبلشرس
الهندو ڪچو
حيدرآباد، سنڌ.

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي طرفان.... | طارق اشرف | ٣ |

**ڪهاڻيون**

| | | |
|---|---|---|
| صاحب آنيسٽ ٿي ويو.... | غلام نبي مغل | ١٤ |
| مؤرتي | زيب پٽي | ٢٠ |
| شادي | عبدالحليم بروهي | ٢٩ |
| بي ذاتيو | منظور | ٣٦ |
| ايمان لوڏن ۾ | الطاف شيخ | ٤٤ |
| خدا ۽ سرمايو | انور | ٥٣ |

**شعر**

| | | |
|---|---|---|
| نظم | شيخ اياز | ٥٦ |
| نظم | إمداد حسيني | ٦٠ |
| وائي | فتاح ملڪ | ٦٥ |
| وائي، نظم | قمر شهباز | ٦٦ |
| نظم | منظور قريشي | ٦٨ |
| نظم | پير بخش پياسي | ٧٣ |
| نظم | انور | ٧٤ |
| نظم | سرفراز راڄڙ | ٧٦ |

**مضمون**

| | | |
|---|---|---|
| ١٩٤٧ ڪانپوءِ.... | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٧٨ |

**پرک**

| | | |
|---|---|---|
| رهبر ڊائجسٽ (تبصرو) | طارق اشرف | ٨٨ |

**تنقيد ۽ رايا**

| | | |
|---|---|---|
| پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | ٩١ |


(سڀئي حق ۽ واسطا قائم)


سيد سليم شاه قادري، شاهد پرنٽرز، صدر حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.
ٽائيٽل سهڻي پريس الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو

## پنهنجي طرفان....

### حق جي جيت

▲ اهو دنيا جو دستور آهي، جيت هميشه حق جي ٿيندي، پوءِ چاهي انهيءَ جيت لاءِ ڪيترا ورهيه انتظار ڪرڻو پوي، ڪيتري قرباني ڏيڻي پوي. حق کي شروع ۾ شروع ۾ هار ٿيندي نظر ايندي آهي. اها هار چاهي ڪيتري به گهڻي عرصي لاءِ هجي، پر جڏهن به اها هار، جيت ۾ بدلبي آهي، ته اها جيت ابد تائين هوندي آهي. جڏهن به حق جي جيت ٿي، ته پوءِ وري انهيءَ جي هار نه ٿيندي آهي. اِهو قدرت جو قانون آهي.

▲ ويٽنام جو مظلوم عوام، ويٽنام جو بهادر عوام، ويٽنام جو غيرتمند عوام هڪ طويل عرصي کان ظالمن سان جنگ جوٽي بيٺو هو. انهن پنهنجا لکين ڪونڌر ڪُهرايا، لکين زالون بيواه ٿيون، لکين ٻار يتيم ٿيا، لکين مائرون بي اولاد ٿيون، پر انهن جو عزم ۽ حوصلو قائم رهيو، بلڪ هر نئون ڏينهن انهن لاءِ نئون حوصلو ۽ نئون عزم کڻي ٿي آيو.

▲ ويٽنام هڪ ننڍڙو ملڪ آهي، جنهنکي سامراجين ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ويٽنام جي هيءَ موجوده جنگ گذريل ٽيٽيهن سالن کان هلي رهي هئي. پر ويٽنام جي تاريخ ڏسبي ته ويٽنام جو مظلوم عوام گذريل ٽيٽيهن سالن کان نه، بلڪ سوين سالن کان آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيو آهي، پر پوين ٽيٽيهن سالن کان اُتي جنگ نئين صورت اختيار ڪئي ۽ پوين ٻارنهن سالن ۾ جنگ شدت اختيار ڪئي. هڪ پاسي ويٽنام جو مظلوم، مسڪين، غريب عوام هو، ٻئي پاسي پهرين جاپان، پوءِ فرانسسي ۽ هاڻ آمريڪا جهڙو دنيا جو امير ترين ملڪ هو. آمريڪا پنهنجي پوري فوجي قوت سان انهيءَ جنگ ۾ ٽپي پيو. ٻارنهن سال خونريز جنگ هلي، ۽ نتيجي ۾ آمريڪا کي خوار خراب ٿي ويٽنام مان نڪرڻو پيو. چوڻ ۾ ته اهو آهي ته آمريڪا ۽ ويٽنام ۾ امن معاهدو ٿيو آهي، پر در حقيقت اهو امن

ڪنداسين هوچي من ڪي. اسين سلام ڪريون ٿا انهن جي حوصلي، همت ۽ اتحاد ڪي. اهي قومون ڪڏهن شڪست نٿيون کائي سگهن، ڪڏهن به مري نٿيون سگهن، جنهن ۾ مقابلي جي قوت هجي. زنده رهڻ جي خواهش هجي.

▲ ويٽ نام جي اها فتح ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. اهو هن صديءَ جو سڀ ڪان اهم واقعو آهي. هڪ تمام ننڍڙي قوم، دنيا جي عظيم ملڪ کي شڪست ڏني آهي. اسانکي ويٽنام مان سبق پرائڻ گهرجي. اسانکي پرکڻ گهرجي انهن تي. اسين ڇا پيا ڪريون، اسانکي ڇا ڪرڻ گهرجي. ماضيءَ کي ياد ڪرڻ ڪان علاوه اسان ڪيو ئي ڇا آهي. اسان پنهنجو ڪو مطالبو، ڪو مسئلو حل ڪيو آهي؟ نه – سبب؟ فقط اهو ته اسان ۾ اتحاد ڪونهي. اسان ۾ حوصلو ڪونهي. اسانکي پاڻ تي ۾ يقين ڪونهي. اسان ۾ جيڪڏهن ڪنهن چڱي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته سندس مخالف، اهو چاهيندي به، ته اهو چڱو ڪم آهي، سندس مخالفت ڪندا.

▲ اختلاف چاهي ذاتي هجي يا نظرياتي. اختلاف ڪٿي نٿا ٿين. پر وطن جي مفاد جو خيال سڀ ڪان اڳ هئڻ گهرجي. اسانکي سڀئي ويڇا وساري، بهرين وطن جي مفاد ڪارڻ ڪم ڪرڻ گهرجي. پر اسين وطن جي مفاد کي، پنهنجي مفاد، سو به ذاتي مفاد تي قربان ڪيو ڇڏيون. جيڪڏهن ائين ٿيندو رهندو ته اسين پنهنجا حق ڪيئن حاصل ڪري سگهنداسين. اسانجي اختلافن مان سنڌ جون دشمن جماعتون فائدو حاصل ڪري رهيون آهن، ۽ انهنکي اهو موقعو اسين ئي ڏئي رهيا آهيون.

## نئون آئين

▲ پاڪستان دنيا جو شايد واحد ملڪ آهي، جنهن ۾ ساڍن پنجويهن سالن ۾ عوامي آئين نه ٺهي سگهيو. هڪڙو آئين ٺهيو پر دفتر داخل ٿي ويو. ٻيو ۽ ٽيون عوامي نه هئا، تنهنڪري ٽڏجي ويا. هاڻ وري جڏهن آئين ٺهي پيو ته وري رنڊڪون آڏو آڻڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويئون آهن. اسين مڃون ٿا، ته اسين لکي به چڪا آهيون ته هن آئين ۾ ڪافي اڻاٺيون آهن ۽ ننڍن صوبن کي آهي

حق حاصل ڪونهن، جيڪي ملڻ گهرجن ها. پر اڄ جيڪي آئين جي مخالفت ڪري رهيا آهن، آهي ئي اهو آئين قبول ڪري، معاهدو ڪري، صحيحون ڪري آيا هئا. اسين انهن کان پڇڻ گهرون ٿا، ته جڏهن انهيءَ آئين ۾ اوهانکي ايتريون خاميون نظر اچي رهيون آهن، ته ڇا اوڏيءَ مهل اوهانجي اکين تي ڪوپا، ۽ ڪنن ۾ ڪپهه پيل هئي، جيڏي مهل انهيءَ آئين تي صحيحون ڪيون هيون. درحقيقت اوهانکي اوڏي مهل آهو آئين قبول ئي نه ڪرڻ گهرجي ها، جنهن ۾ صوبن کي ڪوبه اختيار ڪونهي، پر جڏهن اوهان سوچي سمجهي، انهيءَ تي معاهدو ڪيو آهي، ته پوءِ اصولي طرح هاڻ اوهانکي مخالفت جو ڪوبه اختيار ڪونهي. هاڻ اوهانجي ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته آئين جلد ۾ جلد ٺهي، جيڪڏهن اوهانکي ڪي اعتراض آهن، ته آهي قومي اسيمبليءَ ۾ پڌايا وڃن، انهن تي بحث ڪيو وڃي، اسيمبلي جي ميمبرن کي قائل ڪري آئين ۾ آهي تبديليون آنديون وڃن. باقي بيان بازي ۽ جلسن جلوسن سان ڪهڙو ملڪ کي فائدو رسندو. انهيءَ کان بهتر آهي ته اوهين ايندڙ اليڪشن ۾ عوام ۾ پنهنجين پارٽين کي مقبول ڪريو، جو انتخاب ۾ اوهانجيون پارٽيون اڪثريت حاصل ڪن، پوءِ عوام جا نمائينده آئين ۾ مناسب ڦير گهير ڪن. اسين ته اهو سمجهون ٿا، ته اوهين چاهيو ئي نٿا ته ملڪ ۾ آئين نافذ ٿئي، ڪا قانوني حڪومت وجود ۾ اچي، اوهان ملڪ ۾ ڏقير پکڙيندا رهيا آهيو، معاهدي کانپوءِ آئين جي مخالفت انهيءَ جي هڪ ڪڙي ٿي پائنجي. ائين به نعپ شروع کان چڱن ڪمن جي مخالفت ۽ غلط ڪمن جي حمايت ڪندي آئي آهي. بنگلا ديش ۽ معاهدي شملا جي هن پارٽيءَ ڪڏهن به ڪنهيءَ طرح مدد نه ڪئي، پر سنڌ ۾ سنڌي زبان جي بل جي باري ۾ مهاجرن جو پاسو ورتائين ۽ بنگلا ديش جي خلاف ٿيل مظاهرن ۾ جماعت اسلاميءَ جو پاسو ورتائين. نعپ پاڻکي عوامي جماعت سڏي ٿي، پر هر آهو ڪم ڪري ٿي، جنهن مان عوام کي نقصان رسي سگهي.

## صحيح فيصلو

▲ بلوچستان جي حڪومت اڄ تائين ڪو صحيح فيصلو ڪيو آهي،

سهڻيءَ جو ايندڙ پرچو

# ٤- مارچ

پرچو هوندو

انهيءَ پرچي ۾ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز، امداد حسيني، قمر شهباز، نثار بزمي، زيب پنهور، پيربخش پياسي، انور، مير محمد پيرزادو، خاڪي جويو ۽ ٻين گهڻن شاعرن کان علاوه-

سنڌيءَ جي عظيم ڪهاڻيڪار آمر جليل ۽ نجم عباسي جون ڪهاڻيون-

٤- مارچ جي جوڌي يوسف لغاري ۽ مجيب پيرزادي جا مضمون ۽ ٤- مارچ جي جوڌن جون تصويرون شامل هونديون.

سهڻيءَ جو اهو پرچو دستاويز جي حيثيت رکندو.

---

مئي ١٩٧٣ع ۾

ماهوار

# سهڻي

جو

سنڌيءَ جي عظيم ڪهاڻيڪار

# امر جليل

جي اعزاز ۾ هڪ شاندار نمبر شايع ڪيو ويندو. سهڻيءَ جي انهيءَ نمبر ۾ آمر جليل جون پنج اڻ ڇپيل ڪهاڻيون، سندس تصويرون، ٻين ليکڪن جا جليل جي فن ۽ شخصيت تي لکيل مضمون شامل هوندا.

عام پڙهندڙن کي پڻ آمر جليل تي لکڻ جي نيند ڏجي ٿي، ته اهي آمر متعلق پنهنجا تاثرات لکي موڪلين.

صاحب آنيسٽ ٿي ويو ...
موٽي
شادي
بي ذاتيو
ايمان لوڏن ۾
خدا ۽ سرمايو

# ڪهاڻيون

غلام نبي مغل
زيب پنهور
عبدالحليم بروهي
منظور
الطاف شيخ
انور

سان. انهيءَ ۾ پورل جو ڪو ڏوهه ڪونهي. اردو اخبارون پڙهي پڙهي پاڪستان جي سياست بابت پوريءَ ريت ڄاڻ ٿي ويئي اٿس.

”صاحب آنيسٽ ٿيڻ ڪانپوءِ لڳندو ڪيئن؟ مونکي ته ڪل ٿي اچي،“ محمد ملوڪ لٽل بوٽ سان چيو.

”هاڻ ڪلي ڏنگ، ڪر انهيءَ ڦلڙي بوٽ سان،“ پورل بروچ چيو. ”صاحب رڳو پهچي، خبر پئجي ويندي گهٽي وڃڻ سؤ آهي.“

گلو پٽيوالي، جنهنکي نوڪري ۾ چڙهئي سس ٻه مهنا ٿيا هئا، تنهن ڊڄي ڊڄي پڇيو، ”صاحب ڪي ڇا ٿي ويو آهي؟“

”ٿيندو ڇا، صاحب آنيسٽ ٿي ويو،“ محمد ملوڪ ٻڌايس.

”آنيسٽ ڇا آهي؟“ گلوءَ پڇيو.

”اڙي پوڪ، آنيسٽ معنيٰ ڏوڪڙ پائي بند. رشوت نه وٺندو.“

”چو پيلا؟“ انهيءَ ڳالهه گلوءَ کي حيران ڪري ڇڏيو، ”پئسا الاهي ٿي پيا اٿس ڇا!“

پورل بروچ احتجاج ڪيو. ”آنيسٽ لفظ جي اها غلط معنيٰ آهي. ڪنهن به ڊڪشنري ۾ وڃي ڏسو، آنيسٽ جي معنيٰ اها نه آهي ته رشوت نه کائي. اسان غلط معنيٰ ٿا ڪيون. اسانجو ڏوهه نه آهي. جڏهن کان سيڪنڊري بورڊ قائم ٿيا آهن، انگريزيءَ جا لاهه نڪري ويا آهن. انگريزن کي خبر پوي ته اسان آنيسٽ لفظ سان اهڙي تعدي ڪئي آهي ته هو انهيءَ لفظ کي ڊس-اون ڪري ڊڪشنريءَ مان ئي ڪيي ڇڏين.“

پريان ڪنڊ ۾ چاچو نورمحمد چپ ڪيو ويٺو هو. هو سينئر ڪلارڪ پر تمام تجربيڪار، جهونو ۽ خفتي هو. ڪنهن ڪم جي بيڙي بوڙٽي هجي ته چاچي نورمحمد سان صلاح ڪجي ۽ ڪنهن ٻڌل کي جيارڻو هجي تڏهن به هڪ ٽِڪ علاج ٻڌائيندو آهي.

”چاچا نورمحمد تون به ڪا روشني ڦينڪ،“ محمد ملوڪ چيو.

”چاچي نورمحمد جو جنريٽر اڄڪلهه سائيٽڻ ڏانهن ويل آهي. انهيءَ ڪري ڪرنٽ فيل آهي،“ پورل چيو.

چاچو پاڻ تمام سنهڙو هو. الائي هلندو به ڪيئن هو. باقي جوٽس ٿرمل پاور لڳي پيئي هئي ۽ پنجاهي ڪوهن ۾ سندس ڪرنٽ وڃي سگهندو هو. جنهن پاڙي ۾ رهندي هئي، اتي اصل روشني ئي روشني هئي. چاچي نورمحمد کي چار پنج سال ٿيا هوندا، انهيءَ ٿرمل پاور سان شادي ڪئي. ٿرمل پاور جي عمر چاچي کان ويهه سال گهٽ هئي.

نهايت سنجيدو ٿي ويو ۽ سمورو اسٽاف پڻ روئڻهارڪو پئي لڳو. الزام جيئن ته صاحب تي هو انهيءَ ڪري ڪين ٿو جيترو به يقين نه هو. صاحب به ڪاوڙجي ويو ۽ چيائين، ”بابا ڇا ڪجي. اختيار آهن بيدين ماڻهن وٽ - ڪنهنجي پڳ سلامت ناهي. پيشان پهرين مان اڇي ڦاٽا آهيون . اهي اٿئي قيامت جون نشانيون.“

اسٽاف جا سڀ ميمبر پڻ قيامت جون نشانيون ڏسڻ لڳا.

---

ڪراچيءَ جي مصروف مرڪزي ۽ ڪاروباري علائقي صدر ۾
(بوهري جماعت خاني جي سامهون)

سنڌين جي ٻيڪري

# نيو پاڪ بٽر سپلاءِ

ستاويهن سالن جو وسيع تجربو

ڪيڪ - مکڻ - ڪريم ۽ ڏڄ گيهه

واجبي اگهن تي

فائنل اسڪيچ ۾ آڏي بورڊ تي پن ڪيم ته آفيس وقت به اچي پورو ٿيو ۽ آتان اُٿي اسٽاف گاڏي ۾ گهر آيس. ذهن تي سيما کي سنڌي سيکارڻ جو ويچار وڪوڙيل هو. سنڌي ادب سان ته لهه وچڙ ۾ رهندو ئي هوس، پر سنڌي پڙهائڻ جي مسئلي پي پريشان ڪيو ته اوچتو ياد آيو، ننڍي محمد خان جي هاءِ اسڪول ۾ مسٽر قاضي غير سنڌين کي لازمي سنڌي سيکارڻ لاءِ ٺيٺ سنڌي اکر ۽ اردو اکرن ۾ فرق ڪڍي ڏيکاريندو هو ته پوءِ سنڌي سمجهڻ سولي ٿي پوندي هئي. سو مون به سوچيو ته سيما کي به سنڌي سيکارڻ جو پهريون سبق اردو ۽ سنڌيءَ اکرن جي فرق سمجهائڻ سان شروع ڪندس. لنچ ڪري ليٽي پيس.

شام ٿي. باس جي بنگلي تي وڃڻ جي تياري ڪيم. سڌ پڌ ڪري اچي پهتس. صاحب ۽ سيما لان ۾ ڪرسيون ڪڍيو ويٺا هئا. مونکي ڏسنديئي بنهي پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. صاحب هٿ ملائيندي چيو، "سهيل صاحب، توهان سيما سان ويهي ڪچهري ڪريو، مونکي اندر هڪ ضروري ڪم ڪرڻو آهي." ائين چئي ڪرسي منهنجي لاءِ خالي ڪري پاڻ اندر هليو ويو.

سيما سنڌي پڙهڻ لاءِ ڪاپي ۽ قلم نوڪرياڻي کان گهرايو ۽ کيس چانهه لاءِ به چيو. تيسيتائين سيما سان سنڌ جي پراڻي تهذيب موهن جي دڙي جو تاريخي تذڪرو ڇيڙي ڇڏيم ته هن هڪدم مشهور ناچڻيءَ جي مورتي بابت ڪيترا سوال پڇيا، جا لنڊن جي عجائب گهر ۾ هن ڏٺي هئي ۽ موهن جي دڙي متعلق مختصر ڄاڻ کيس اُتان ئي پئي هئي. ناچڻيءَ جي مورتيءَ کان ايڏو ته متاثر هئي، جو چيائين، "مون اِها مورتي ڏسي، سنڌ جي ماڻهن جي خوشحالي ۽ فن سان ايڏي پيار جو اندازو لڳايو هو. سنڌي سکڻ جو ارادو به مونکي انهيءَ مورتي مان مليو هو."

ڪچهري ڪندي چانهه جي چُسڪي به ٿيندي رهي. اهڙيءَ طرح پهريون ڏينهن سنڌي الف - ب ۽ اردو الف - ب جي اکرن جو فرق ۽ سنڌيءَ جا ٺيٺ سنڌي اکر کيس سمجهايم.

سنڌي سکڻ جو سلسلو روزانو شام جو هلندو هو. ڪچهري ڪندي سنڌي ثقافت تي خيالن جي ڏي وٺ به ٿيندي هئي. کيس

گاڏي هلندي اخبار جي مٿين خطرناڪ خبر اِها هئي ته:
اڄ صبح جو، ڪراچيءَ کان جيڪو PIA جو 707 بوئنگ
جهاز بيروت لاءِ روانو ٿيو هو سو بيروت جي هوائي اڏي کان
اڌ ميل ويجهو حادثي ۾ تباهه ٿي ويو ۽ سڀ مسافر اجل
جو شڪار ٿي ويا.

مون گاڏي کي تيز ڊوڙائي گهر آندو ۽ پنهنجي ڊرائينگ روم ۾ سيما جي ڏنل سو ڪڙي مورتيءَ آڏو آيس ته مونکي سيما جا جذبات ڀريل جملا ياد پيا. 'هيءَ مورتي منهنجي ۽ تنهنجي پيار جو ٻنڌڻ آهي! هيءَ مورتي اڄ کان سيما آهي.... فقط سيما. سيميءَ جو سارو ساهه هن مورتيءَ ۾ مڙهيل آهي سهيل.'

---


# سرحد جي هن پار

سورٺ پبليڪيشن

جو ڇهريون ڪتاب

ڀارت جي مشهور سنڌي ڪهاڻيڪارن: موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، وشنو ڀاٽيا، شيام جيسنگاڻي، ناري پدم ۽ لڇمي امسر جون بهترين ڪهاڻيون.

وڻندڙ گيٽ اپ، صفحا ڪسو

قيمت ڏيڍ رپيو

گهرائڻ لاءِ لکو:

سورٺ پبليڪيشن

معرفت

ماهوار سهڻي، الهندو ڪڇو

حيدرآباد، سنڌ

رکيو هو. پوءِ به ماڻهو نڪاح ڪرڻ کان نٿا مڙن. ۽ نڪاح وقت فوٽا ڇڪائڻ کان به نٿا مڙن. تنهنمان ثابت آهي ته انسان تقدير جي هٿن ۾ هڪ رانديڪو آهي. تنهن مان اها ڳالهه به ثابت آهي ته انسان خاڪ جو پتلو آهي.

نڪاح ڇهن قسمن جا آهن. هڪڙا آهي، جن ۾ مائٽن جو هٿ هجي، ٻيا آهي جن ۾ مائٽن تنگ اڙائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، هجي ۽ ٽيان اهي جيڪي بس ٿيو پون. باقي رهيل نڪاحن کي نڪاحن جو چوٿون قسم چئبو. جن نڪاحن ۾ مائٽن جو هٿ هوندو آهي، تن ۾، ٿورن ڏينهن کانپوءِ، گهوٽيتا ڪنواريتن کي ٻڌائيندا آهن ته: 'اسان اها شادي اوهانجي زور ڀرڻ تي ڪئي. هونئن اسانجي پنهنجي مرضي نه هئي،' ۽ ڪنواريتا وري گهوٽيتن کي چوندا آهن ته: 'هلي هلي جتيون ڪنهن گسايون هيون؟' جن نڪاحن ۾ مائٽ تنگ اڙائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن، تن ۾ پهرين ته مائٽن جون شڪلون ڏسڻ جهڙيون ٿي وينديون آهن، ۽ سال ڏيڍ کانپوءِ وري گهوٽ ۽ ڪنوار جون شڪليون ڏسڻ جهڙيون ٿي وينديون آهن . جيڪي نڪاح بس ٿيو پون، مي نڪاح بس ٿيو پون.

نڪاح کانپوءِ هرڪا زال پنهنجي مڙس ۾ اهي ساڳيا سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جيڪي شير شاهه سوري ۽ هندُستان ۾ آندا هئا. نتيجي ۾ مڙس جو به اهو ساڳيو حشر ٿيندو آهي، جيڪو شير شاهه جي سڌارن کري هندستان جو ٿيو. جنکي اها چاڻ کانهي ته هندُستان جو ڪهڙو حشر ٿيو هو، تن لاءِ فقط ايترو چاڻڻ ڪافي آهي ته هندُستان ٿورن ڏينهن لاءِ سڌري ويو هو.

شاديءَ کانپوءِ، ڪنوار پنهنجي گهوٽ کان قسم کڻائيندي آهي ته: ”سگريٽ نه پيئندس، دوستن کان پري رهندس، گهران سڌو آفيس ويندس، آفيس کان سڌو گهر ايندس، رستي ۾ ڪٿي به نه ترسندس، هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسندس، سڌو آفيس ويندس ، ۽ آفيس کان سڌو گهر ايندس.“ پوءِ سڄي حياتي مڙس انهن قسمن کي اورانگهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ زال ڇهڪ ڪٽي مڙس کي انهن قسمن تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

گهوٽن کي سمجهڻ گهرجي ته اهي ڪورٽون، جيڪي سندن ڪنوارن پنهنجن عزيزن کي ڇٺي قائم ڪرايون آهن، سي فقط سندن انتظار ڪرڻ لاءِ ٺي ڪليل آهن. جيڪڏهن ڪنهن گهوٽ ۽ ڪنوار جو ارادو ڪورٽ ۾ وڃڻ جو نه هجي، ته اهڙو اطلاع ڪورٽن کي ڏجي، ته جيئن ڪورٽون بند ڪيون وڃن، ۽ ڪنوار جا ويجها عزيز وڃي ڪنهن ٻي ڌنڌي سان لڳن.

نڪاح وقت فقط نڪاح نامو تيار ٿيندو آهي. اهو ڪنوار سان سراسر دوکو ۽ فريب آهي. نڪاح وقت، نڪاح نامي سان گڏ، بلڪ نڪاح نامي کان اڳ، دعوي تيار ڪرڻ گهرجي، ڇو ته نڪاح ڪانپوءِ ڪنوار کي فقط اها دعوي ٺي ڪم ايندي آهي، ۽ نڪاح نامو فقط Exhibit 'A' ٿي رهجي ويندو آهي.

---

۴- مارچ ۱۹۶۷ع سنڌي شاگردن جي جدوجهد جو ڏينهن
۴- مارچ ۱۹۶۷ع سنڌي سپوتن جي سجاڳيءَ جو ڏينهن
۴- مارچ ۱۹۶۷ع سنڌي جوڌن جي، آمر خلاف هلايل تحريڪ جو ڏينهن

# ۴- مارچ ۱۹۶۷ع

مشهور شاگرد اڳواڻ

## مسعود نوراني

جي لکيل تاريخ، جيڪا ماهوار سهڻيءَ ۾ ڇهن قسطن ۾ شايع ٿي.
هاڻ ۴- مارچ ۱۹۷۳ع تي، وڌيڪ معلومات ۽ ناياب
تصويرن سان، ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي رهي آهي.

نه ته آئي؟“ پوءِ بنا رک رکاءَ جي اسانجي ميزبان کان پڇڻ لڳو، ”هتي ڇوڪريون آهن ڇوڪريون؟! گرلس؟ گڊ گرلس؟!“

مون سوچيو ته اسانجو ميزبان ان اوپري سوال تي پڪ ڪاوڙبو ۽ ست سُريون ٻڌائيندو. پر هنجي چهري تي ٿلهي ليک به ڪانه آئي. هن لاءِ اهو سوال ائين هو، جڻ ڪنهن کان پڇجي ته ڪريم بسڪٽ کٽان ملندا يا بي-پي جي ٽافين جو ڏس ڏي.

”ڇوڪريون، اوه هتي ٿائلنڊ ۾ ته جام آهن،“ ٿائي ماستر ورائيو.

هوٽل جي ڇوڪريءَ اچي ٿڌيون ٿڌيون ڪوڪا ڪولا جون بوتلون رکيون. پاڻي لاءِ جڳ بدران ڪٽلي هرهڪ جي ٽيبل تي رکيل هئي، جنهن ۾ هتي جي رسم مطابق گرم سليماني چانهه پيل هئي ۽ پاڻيءَ بدران هنن ملڪن ۾ عام طرح استعمال ٿئي. ساڳيو رواج هانگ ڪانگ جي چيني هوٽلن ۽ جپان ۾ پڻ آهي.

”شو اس گرلس (Show us girls)،“ محمود چيو.

”ڪوڪا ڪولا ته پيءُ. ڪجهه ٿڌو ٿي پوءِ ٿا اٿون،“ مون چيومانس پر سندس خوفائتيون اکيون ڏسي ڪوڪا ڪولا اڌ ۾ ڇڏي اٿي کڙا ٿياسين.

رستي تان به هاٽ پينٽن ۾ ٿائي ڇوڪريون پئي ويون.

”هي وڻناوَ ٿيون،“ ٿائي ميزبان پڇيو. ٿورو اڳتي هڪ ڇوڪري سائيڪل تي اچي لنگهي. ”هنکي سڏ کيان؟“ هن وري اسان کان پڇيو.

ٿورو اڳتي به چار گهر ڇڏي هڪ گهر ۾ وٺي آيو. دروازي وٽ ٽي چار نوجوان ڇوڪريون ٽي-وي ڏسي رهيون هيون. پر ۾ فون به رکيو هو. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو گهر ۽ سندس ماڊرن ڊيئرون ٿي معلوم ٿيون. اسان جيئن اُي گهڙياسين ته ڪڪر وانگر بدن سان ڇهڻي ويون. عمر ۾ ڪابه ويهن سالن کان وڏي نه هوندي. سندن انگ انگ مان جواني ٻهڪي رهي هئي. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن ملڪ ۾ هڪ رنڊي ۽ شريف ڇوڪريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي! هر خوبصورت ڇوڪري ڇا هتي رنڊي آهي!

”هائو مچ؟“ محمود سودي بازي ڪرڻ لڳو.

””ففٽي پاٽ“ (پنجويهه رپيا).“

”نو نو.“

”اوڪي فارٽي پاٽ،“ هو سڏڻ لڳيون، پر اسان اتان نڪري

هوٽلون ڪڍهن به نه ٿيهن ها. پر هينئر تازو آمريڪا جي پاليسي ۾ رد و بدل ڪري، آمريڪي سپاهي واپس آمريڪا گهرايا پيا وڃن ۽ تمام ٿورا ڪي وڃي بچيا آهن. نتيجي طور ٿائلنڊ ۽ آس پاس جي ملڪن جي هوٽلن جي ڪمائي بند آهي. ڪمرا خالي خالي نظر ايندا. مشڪل سان ڪنهن هوٽل جا ڏهه سيڪڙو ڪمرا ڀريل هوندا. هوٽلن ۾ ماڻهن ڪي رهڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ڪمرن جي مسواڙ گهٽائي وئي آهي ۽ سڄي ڏينهن بدران اڌ ڏينهن يا ويندي ٻن ڪلاڪن لاءِ ڪمرا مسواڙ تي ڏنا ٿا وڃن. جنهن لاءِ تمام معمولي مسواڙ آهي.

اسان پٽانيءَ جي پئلس هوٽل ۾ رات رهڻ لاءِ پهتاسين، جا سڀ کان وڌيڪ خوبصورت هوٽلن مان هڪ آهي. اڪيلي ڪمري جي ويهه رپيا مسواڙ هئي. اسانکي فقط رات جا ٻارهن ڪلاڪ رهڻ لاءِ ٿي ڪتيي ۽ ڏهه رپيا ڏيڻا ٿي پيا. مخدوم ڪي چيم ته اچا ٻه جي ڊبل بسترن وارا ڪمرا وٺون ۽ ٻه ٻه ٿي رهون ته گهٽ پئسا خرچ ايندو ۽ غيرملڪي زرمبادلو ضايع نه ٿيندو.

”ڊبل ڪمرن جي ڇا مسواڙ آهي؟“ شير علي جو اسانجو خزانچي ٿي پئي هليو، تنهن مئنيجر کي اشارن ۽ انگريزيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. مئنيجر حساب ڪري چيو ته، ڊبل جا پنجاه رپيا.

”هي ڏسو هتي ته ماڻهين الٽي گنگا پئي وهي. اسان ته ويهن کان ٻه گهٽ پيا ڏيڻ چاهيون،“ شير علي اسان ڏي اڻ وڻندڙ شڪل ٺاهي تعجب جو اظهار ڪيو ۽ پوءِ انگريزي ۾ مئنيجر سان بحث ڪرڻ لڳو، پر مئنيجر کي انگريزي سمجهه ۾ ڪانه آئي ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيو. ٻئرو اسانکي ڪمرا ڏيکارڻ لاءِ لفٽ ۾ وٺي هليو. ٻي ماڙ تي سنگل ڪمرا هئا. هڪ ٻه کولي ڏيکاريائين ۽ اشارو ڪيائين ته ويهه ڀات (يعني ڏهه رپيا) ۽ پوءِ ڊبل ڪمرو ڏيکارڻ لاءِ پنجين ماڙ تي وٺي هليو. رستي تي شير علي پڇيس بريڪ فاسٽ ۽ ڊنر به ان مسواڙ پنجاهه رپين ۾ آهي.

”نه نه،“ ٻئرو اشاري سان انڪار ڪرڻ لڳو. پنجين ماڙ تي ڪمرا بيڪڙيل هئا. هڪ جو در کولي اندر وٺي آيو. ٻه پلنگ صاف سٿرن چادرن سان ڍڪيا پيا هئا. وچ تي گول ٽيبل تي ٽيليفون رکيو هو. ڪنڊ تي ريڊيو تان ڪنهن گاني جي ميوزڪ هلي رهي هئي. ٻئي پاسي ڪٻٽ جي ڀرسان صوفا سيٽ رکيو هو، جنهن تي ڪير ۾ وهنتل

مون هاريءَ ڏي منهن ڪري چيو، ”قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته هڪ خدا کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به سجدو روا ناهي. اهو شرڪ آهي، ڪفر آهي. ۽ سجدي يا نوڙت جا به ڪيترائي قسم آهن. سڌو سنئون ٽي با ادب بيهڻ، ٻانهون ٻڌڻ، اڳتي جُهڪي نياز ڪرڻ، گوڏن تي هٿ رکڻ ۽ جهڪڻ يا صفا جُهڪي نرڙ زمين تي رکڻ، مڙوئي سجدو آهي.“

مون چئي بس ڪيو. ڪجهه خاموشي ڇانئجي وئي. وڏيري، جو اسلام تي ڳالهائي رهيو هو، تنهن مون ڏي ڏٺو ۽ ڪنڌ ڌوڻي قبوليت ڏني. هاريءَ چيو، ”بروبر سائين، هو ٻنهي جهانن جو رکوالو آهي....“

ڳالهه نٽائي وڏيرو مون سان شڪار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ٿوريءَ دير کانپوءِ اهو هاري پنهنجي جاءِ تان اٿيو. با ادب جهڪي، وڏيري کي پيرين پئي آهستگيءَ سان بنگلي مان ٻاهر هليو ويو. مون نظر ڦيرائي ڏٺو، وڏيري جي بوٽ تي پنجن آڱرين جا نشان هئا. مان سوچي رهيو هوس ته سرمايو، خدا تي حاوي آهي.

---

سهڻيءَ جي پڙهندڙن جي تعاون سان قائم ڪيل

# سهڻي پرنٽرز (پريس)

سنڌي، انگريزي ۽ اردو ۾ ڪتابي ڪم
وزيٽنگ ڪارڊ، شادي ڪارڊ ۽ رائيٽنگ پيڊ
ولائتي رنگن ۾ سهڻي ڇپائي

## سهڻي پرنٽرز

الهندو ڪڇو،
حيدرآباد، سنڌ

نظم
نظم
وائي
نظم، وائي
نظم
نظم
نظم
نظم

# شعر

شيخ اياز
امداد حسيني
فتاح ملڪ
قمر شهباز
منظور
پيربخش پياسي
انور
سرفراز راڄڙ

# نظم

اڄ زندان جي تنهائيءَ ۾
مان ڳولي ٽڙڪا تارن جا
سي دولهه ڀينو دُور ڏسان
جن دَنگ ٽپيا ديوارن جا.

هِنَ آتَ آڄايل ڌرتيءَ جا
جن چَپَ چُميا دريائن جا
تي جِتَ تہ لهُوءَ جا لالُ لڳهہ،
جن وَسَ ڪَئي ويساهن جا.

پو زنجيرن جي ڪَڙ ڪَڙ تي
مان پنهنجا پيرَ نچايان ٿو
۽ بيوس بندي خاني ۾
ڪو گيت نئون مان ڳايان ٿو.

# نظم

چا تون مونکي ڪونه سُڃاڻين ؟

ڏُرائيءَ سان ڪيئي ڏَن ڏوهي،
رِڻَ ۾ پهتو هان ٻَن سوهي،
تنهنجو رَتُ هلايان ٻيڻو،
۽ توکي آتساهيان ٻيڻو،
جسين سامهون سينگَ سَڄڻ ٿا،
ڪَڙڪَڙ تُنهنجا ڪانَ وَڄَن ٿا.
لوڙَهه لتاڙي مُنهنجا گهوڙا،
ڪَن ٿا ويڙهين مَنجهه ولوڙا —
ڏِسُ ڪيڏو گهمسانُ مَتو آ !
سارو ڪيتَرُ رَتُ رَتو آ
۽ مان ٻيڻو ساٿُ نباهيان —
هُونءَ ته مان سَنئو آهيان،
اونهي ماٿِ مها ساگر جي،
جنهن ۾ ڪيئي موتي سرجي،
گيتَ ٿيين ٿا، گيانَ ٿين ٿا،
ڇا يا پٽ کان دُور نِيئن ٿا —
ڇا تو مونکي اڳُ نه ڏٺو آ ؟
اڳُ مُنهنجو مارڳُ نه ڏٺو آ ؟
توسان آءٌ نئڻن سير ناهيان،
آءٌ ڪَرمَ جو ڪاڏو آهيان،
چا تون مونکي ڪونه سُڃاڻين؟

# نظم

اي ڌرتي! تنهنجا ڏاجَ - ڏَٺي
هيئن ڪيسن ڪاٽيارا رهندا؟
۽ پنڌارن سان بُکَ ڪٽي،
هو ڪيسين ڏُکَ پيا سَهندا؟

انڌير نگر جي دَرَ دَرَ تي،
آنياءَ ترازُو توري ٿو،
ٿي آزاديءَ جي وَٽَ ميلي،
جي گهرُ تڙُ ڪوئي گهوري ٿو!

هين مُرڪَ مهانگيءَ دنيا ۾
مان ڪنهنجا ڪنهنجا اُڙڪَ آگهان!
هين ڏاڍَ ڏمر جي ويلا ۾
مان ڪنهنکي ڪنهنکي ڏَڍُ ڏِيان!

اج بات ٿيئي ٿي گوليءَ سان
سون عُمر وڃائي ٻوليءَ ۾!
مان ڪهڙي مُنهن سان گيت وڄان
اي ديسَ! ڏُکن جي جهوليءَ ۾؟

اج گيت آجايا پاسن ٿا،
اج مان ملان ٿو ميڙي ۾،
چا پيارا نعرا گُونجن ٿا
جهُونجهار وڏن ٿا جهيڙي ۾!

# نظم

ڪلهه ڇا نه ڪجاوا ڇمڪيا ها،
۽ ڏينهن تتي ۾ واريءَ تي،
ڇا جهابا جهونڙا جهمڪيا ها!

هو ڇم ڇم گهنگهرو گوڏن تي!
ڇا جهانءِ هئي جهونجهارن ۾،
ڪلهه تيڙڪا تيڙڪا توڏن تي!

هر ورڪ تڪيري تيڪ ڏئي،
ڪيڏانهن نظر مان تيرڪي ويا؟
ڪيڏانهن ويا هو ڏڪ ڏئي!

اڄ واٽن تي واجهائن ٿا،
۽ سڄ - سياپا واريءَ جا،
ٻين ڪرهن لاءِ ڪنائن ٿا!

ڪجهه سانگهي مان ڪوس پريان!
پيا اوڻي ايندا اڄ ڪٿي،
ڪئن ڇنجي ڪهڙي وقت پريان!

امداد حسيني

# .... ڏاڍون

سڀ ليکا چوکا لاهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي
ڌرتي ساري ڏان ڏئي ڙي
ٺڪر ٺواهي منجهه پنيو تو
ٽيج لڄائي ٽڪ هڄئي
ڌرتي وڪڻي ڌن ڳنيو تو
ڏندڻ پاڙ جيان او ڳيدي
چڪي هرڪو سڳ چڻيو تو

تو مارن سان سينو ساهيو
هيءَ توسان سينو ساهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي

ستت بهگاڙيءَ سان او ڪتا
گڏجي هين جو ماس پٽيو تو
لوڙي وڪڻي آيو آهين
پنهنجي پرم کيپ ڪٽيو تو
چٽيل چپاڙيل ۽ ٺوڪاريل
او غدار گراهه جهٽيو تو

تو سڀ ليکا ڏاڻا، توکي
هيءَ ناهي ناهي ناهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي

ڏارين کي تہ شراب پيارين
پنهنجن جو ٿو رتُ پيين تون
ڏٺي نِرڏڪا ڪري چڙهيئي ڙي
ٻي ڏوهن کي ڏوهہ ڏيين تون
روهہَ رُليا ڇا ٻوهہَ ڪيا ٿئي
جو ٻہ جيين سو جاڙ جيين تون

تو جو چاهيو سو ٿيو، هاڻي
ٿيندو سو جو هي چاهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي

ڏارين ٻيچَ ڪئي، پنهنجن ڏي
رومڙ ٻاڻئي سوئر وانگر
وچَ سيرَ ۾ سنڌڙي لوڙهي
ميڙي آئين ميچ ۽ مانگر
اڳڙين جو تون گڏو آهين
ڪوڙا سارا نٺ ۽ ٺانگر

تو جو ناهہ نگيءَ جو ناهيو
سو ناهہ نگيءَ جو ڍاهيندي
سڀ ليڪا چوڪا لاهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي
هيءَ ڌرتي توتي داهيندي

# هن ڌرتيءَ جي ڌيءَ جي ذالي

منهنجي پيءُ مَڪا تو مون ڏي، ويهه پريا ڪي ويڻ:
"تنهنجا سيڻ سَوين ڙي ڀائو! سنڌڙيءَ کهڙا سيڻ؟"

اڱر اڱر تي نير لڳي تو، هينئڙو ڏُکڻ ڀَروُڻ،
منهنجي جيءَ ۾ جهر ڀون ٿا، من ۾ ڀڻي ٿي روُڻ،

تنهنجي هر ڪا سٽ ائين جڻن، سَٽ ڏني ڪنهن سوُر
هيڏا هول حشر هي هاڃا، سچ تي ڪَچ ڪلوُر

منهنجي منڙي پيءُ مُڪي تو، لُڙڪن هاڻي ميٽي
منهنجا بند سمورا رستا، سو گهي هر ڪا گهيٽي

"گهوريا گهوريا ابا ڏاڏا، گهوريا ماءُ ۽ پيءُ"
ڀيتا ڀيتا سڀ پارانيا، او ڌرتيءَ جي ڌيءَ!

"لوڪارين جي لوئي وسرئي، پانهيارين جي پانهين
ڏينهن قيامت تائين رهندي، ڌرتي توتي دانهين"

تنهنجو هر ڪو لفظ ڪري ٿو، ري سيرائيءَ سَلَ
"راتيون ڪاتيون سانجهيون ڏاريون، پَهر پراوا پَلَ"

منهنجي ننڍڙي پيءُ مُڪا تو، ڪَڙا ڪسارا ٻول
مون ته ڪهاڙيءَ لاءِ لکيو هو، ڏني موڪلي تول

واريءَ تي تون ليڪا پائي، ناهي ويٺو ڊاهين
اهڙي گيدي پڙهيل ڳڙهيل کان، جهٽ چڱو تون آهين"

ڏاهپ آهي ڏنگ اسان لئي، ڏات ڏنا سَو ڏنڀ
تو تائين پهتي ني هوندي، روح ڪٿي جا رنڀ

سـاڳا ڪوٽَ ڪڙا زنجيرون، سـاڳا ٽوٽيون ٽنبَ
مان اُڏرڻ چاهيان ٿو پر، ڪسجي ويا ٿم ڪنبَ

توکئن سمجهيو توکئن چاتو، "هو نئن نه آهيان هيئن"
"سنڌي ٻولي قومي ٻولي،" آءٌ وساريان ڪيئن؟

ٻاپاڻن جي ٻوليءَ ڪارڻ، گولي پانيان گُلُ
سوري سمجهان سيج او سانئڻ! پُلَ نه ٻي ڪنهن پُلُ

ٻولي ٽيڪنڪ ڪوس گهرَ ۾، ڪنو ويو جو ويرُ
وار اُڪولي رات رنو هو، چانڊوڪيءَ جو نيرُ

سورج اُڀ ۾ اڀين آڀريو هو، جهڙو گُلُ گلابُ
ڌرتيءَ ڪنهبا ڪپڙا پاتي، ڇيڙيو روحَ رَبابُ

لالئون لال لهو ۾ لت پت، لالُ ڇٽيو جو ماءُ
آهو به تنهنجو پاءُ هُيو ڙي، تنهنجو منهنجو پاءُ

علي محمد (١) کهڙي (٢) جهڙا، نالا ڪوهه ڳڻائين؟
اندر ۾ ڏس جهاتي پائي، ڇو ٿي پاڻ لنوائين؟

جي ايم سيد، حفيظ قريشي، مانجهي مڙس مشيرَ
قاضي (٣) رسول بخش پليجو، دودا ڏِڳَ دليرَ

اقبال ترين ۽ لالا (٤) يوسف (٥)، جوڌا جُنگ جوانَ
سيئي دودا، هوشو، هيمون، دواهه دريا خانَ

---

(١) علي محمد راشدي (٢) ايوب کهڙو (٣) قاضي محمد بخش ڏاهرا
(٤) لالا قادر (٥) يوسف ٽالپر ۽ يوسف لغاري

ڪولاچيءَ جي ڪُن ڪِڙڪايا، گبول (١) ۽ جدگال (٢)
ڪونڌرڪڙڪيا، مانگرمڇ جون، وايون ٿيون بتال

ڪاري ڏامر جي رستي تي، ريلا ريلا رَتُ
مراد بخش بلوچ (٣) جيها ويا پاري پنهنجي پَتُ

ماءُ محمدشاه (٤) پنهور (٥) جي، تنهن کي سو شاباسون
ريتي رت جي ڦُڙي ڦُڙي ۾، جڳمڳ جڳمڳ آسون

اسحاق، بهاول ۽ سوڍو (٦)، ڳيرو ڳاڙها گهوٽَ
موتَ به مات ڏني نه انهن کي، ڪيرائي ويا ڪوٽ

منهنجي پيءُ مُڪا تو مون ڏي، نَوَ لکَ ڏهه ڏوراپا
”شهر وچِي نوري تي باجي، سسئي ٿي وئي آپا“

پراو منهنجي پيءُ او ٻاگهل، او مارل، بختارو!
ڌرتي پيئي چڙهي نپائي، اچا به رياض (٧) اختر (٨)

منهنجي پيءُ مُڪيون تو مون ڏي، چوڙيون رنگا رنگي
”ڏُک دوکو آسُک آسپنو، ساٿي ناهي سنگي“

چنڊ انهن ڳالهين کي سانئڻ، مَڇ مَچائي مَچُ
ڏين ڌرم آ کوڙ نسورو، سنڌڙي سارو سچ

---

(١) شهيد عثمان گبول (ڪراچي)
(٢) شهيد عبدالرشيد جدگال (ڪراچي)
(٣) ڪراچيءَ جو شهيد
(٤) شهيد محمد شاهه (حيدرآباد)
(٥) شهيد اسماعيل پنهور (حيدرآباد)
(٦) شهيد اسحاق خاصخيلي، شهيد بهاول لاشاري
۽ شهيد سوڍو (ٽنڊو الهيار)
(٧) رياض ميمڻ (٨) اختر بلوچ

آ تہ تنين جي تند تنواريون، جن جا ڏيلَ ڏياتي
رُت بسنتَ ھُجي جي نہ ھُجي پر، گھوٽ پين ٿا گھاتي

منھنجي پيڻ مُڪي تو مون ڏي، ٽِڪن ٽانڪيل پوتي
ڇاتيءَ جي چِپَ ھيٺ پُري پيو، منھنجي من جو موتي

ڇو نہ انھيءَ پوتيءَ کي سانڍيان! جھنڊو ڪٽي ٻڌايا
ڏکڻ اُتر اولھہ اوڀر، جھو لايو جھو لايا

### فتاح ملڪ

## واڏي

ڳات جي اوچو ڳيرو تنھنجو ھردم ھيج ڪري،
منھنجو ھيانءُ ٺري.
ميدانن ۾ مستُ رھن شل ويري ويچ پري،
اک عقابن واري تنھنجي، گھائل گھُور ڪري،
چماھہ چنيسر وارو تنھنجو محبت ڪاڻ مري،
ھَٿُ ھميشہ راڻل تنھنجو ڪُھہ پوڪاڪِ ڪري،
باھہ پنيوران ٻارين جي تون سارو رُڪُ رڙي،
ڪوت ڪٽا قيدي، جي دل مارُن ڪاڻ مري،
منھنجو ھيانءُ ٺري،
منھنجو ھيانءُ ٺري.

## قمر شهباز

# وائي

جت رُڃ رڙي، جت ساهُ سڙي، ۽ آهه نه ڪو انسان ڪري
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي، ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي-؟

جت پريت نه ڪو پرياءُ هجي، ۽ گهاءَ مٿان سٿو گهاءَ هجي،
جت راڳ نه ڪوئي رنگ هجي، جت چنگ رڳو پيو ڏنگ سهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي-؟

جت واڳونءَ جهڙا وات سوين، ۽ ڏائڻ بڻجي ڏات لتوين،
جت ساوڻ آئي ساٿ نه ٿئي، ۽ ڏاوڻ ڏک جو ڪين لهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي-؟

هي ڪارا ڪارا بادل ها، جي پريتم جهڙا پاڳل ها،
هُو ترسيا هاءِ برسيا ها، جينءَ نينهن وڇان ڪو نارُ وهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي-؟

مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا، مون گهائل گهائل گهوٽ ڏٺا،
ڇا ڇا نه ڏٺو مون دنيا ۾، ڪيئن لوپي ٿو ڳيءَ سان ٿو نهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪينءَ رهي-

# رائي جي هن پار

رائـي جـي هـُـنَ پـار ڏسين
شل رائي، جي هن پار ڏسين!

رائـي جــي هــُـن پار اي يــارَ
چٽنگون چٽـنگون ڌرتـي آهــي
آپ جــي آڳنـڌ تــي ڏس ارڏا،
لال - رتــي کا ارڙِـي آهي.

ان ڪـُنهنبي ڪـُنهنبي خون منجهاران
سحر جي سرخي چاڻ تہ اُپري،
رائـي جـي هـُـن پـار او يارُ،
آزادي بـس چـاڻ تـہ اُجري!

رائـي جـي هـُـن پـــار ڏسين،
شل رائـي جي هـُن پار ڏسين!

منظور قريشي

# جڏهن تون نہ هوندين

جڏهن تون نہ هوندين،
نہ صدين کان سانديل
سنڌوءَ جي مٽيءَ مان
جڙيل جام پُرندا۔
پُري ڏوڙ ٽپندا
۽ مٽي کي پيهر،
ڳوهي سموهي
سجائڻ وارا
هٿڙا نہ لپندا

جڏهن تون نہ هوندين،
نہ کي قول ڪلندا
نہ کي گيت گهلندا
سدائين سرءُ پٽي
هتي راج ڪندي
سامي، سچل ۽ پٽائي جا بيت
سڪل پنن جيان
مٽيءَ ۾ ملي نيٺ
مٽي ٿي ويندا۔
جڏهن تون نہ هوندين،
تماچيءَ جا تڙ تي
نوان روپ هوندا
ڪينجهر جي ڪپ تان
نوري وڪامي
حويلين ۾ بندبي

۽ ماڇي مهاڻا
رڙندا ٿي رهندا -

جڏهن تون نہ هوندين،
تہ مومل جي مرجهايل
مکڙي تي ڪيٽي
ماضيءَ جي قدمن جا
نيشان هوندا،
سومل جي سڪل
ڪرائيءَ ۾ ڪوئي
گجرو نہ هوندو،
نہ ئي ڪوئي راڻو
رڻ پٽ اورانگهي
واپس ئي ورندو،
۽ اوندهہ انڌاري
پٽي ڪاڪ لڇندي -

جڏهن تون نہ هوندين،
سهاڻي صبح لئي
پٽي سنڌ سڪندي
نياڻ ۽ انيائن جو
اُلجهاءُ هوندو
۽ ڏاڍو ڏکين کي
ڏهڪائيندو رهندو
۽ منهنجا هي جهانگي
سباجها هي سانگي
اگهاڙا ئي رهندا
ڏکيا ئي رهندا
بکيا ئي رهندا
۽ مانيءَ گيهي لئي

روئندڙ ٻچن کي
آلين اکين سان
ڪئي مائرون
ڪئي پيئرون
دلاسا ڏيئي
سمهاري ڇڏينديون.
ايئن ويلا پنهنجا به
ٽاري ڇڏينديون.

جڏهن تون نه هوندين،
اداس اکين جي
اجهائل ڏيئن مان
دونهان پيا اٿندا
هانءَ پيا ٻرندا
۽ اجها پيا جلندا
سوَن سانگيئڙن جا
لوڙها پيا جلندا۔

جڏهن تون نه هوندين،
روز پنوهاريون
کوهن تان ڪڇنديون
۽ دادلا ڦر
وڏا ٽهڪ ڏيندا
اڳتي پيا وڌندا
۽ ميرين اکين سان
ڪروڙي چنبن سان
منهنجن ماروئڙن جون
هنن جهانگيئڙن جون
پنهنجي پيئرن جون
پنهنجي مائرن جون

لويون ليڙون ڪندا
اوچا ڪوٽ هوندا
گهايا گهوٽ هوندا.
۽ ڪڙن ڪلف وارين درن ۽ درين مان
نہ دانهون ئي رسنديون
نہ واهي ئي ورندا
زمين پٽي روئندي
۽ آڪاس روئندو
لهو لڙڪ لڙندا
۽ ڏوٿيڙا پيا
ننگن لاءِ رڙندا—
جڏهن تون نہ هوندين،
نڪي رڻ گجندو
نہ ئي راڙو ٿيندو
رڳو نعرا هوندا
ٺلها نعرا هوندا
هوشو ۽ هيمونءَ پارا نہ هوندا
دودا نہ ورندا
ننگر نہ ورندا
۽ سنڌڙي اياڻي
پٽي رت روئندي
خدائي پٽي روئندي
پٽائي پيي روئندو
۽ پنهنجا ئي هٿ
تکين بڙچين مان
پنهنجن ئي سينن ۾
وڏا گهاءَ وجهندا.
جڏهن تون نہ هوندين،

ساڳيو حال هوندو
ساڳيو ڪال هوندو
ساڳيو ڪيس هوندو-
تون ڇا لاءِ ويٺو
انڌن، گونگن ۽ ٻوڙن ڪارڻ
پاڻ پتوڙين؟
۽ رت ولوڙين؟
ٻڌ منهنجا سائي
ٻڌ منهنجا مانجهي
ساڳيون ڌانهون هونديون
ساڳيون ڪوڪون هونديون
ساڳي پينگ هوندي
ساڳي سڄ هوندي ساڳي رڄ هوندي
سدائين هتي پٽي
سرءُ راڄ ڪندي
نه ڪي قول ڪلندا
نه ڪي گيت گهلندا
ساڳيو حال هوندو
ساڳيو ڪال هوندو
رڳو تون نه هوندين
رڳو مان نه هوندس -

(قمر شهباز جي نظم 'جڏهن مان نه هوندس' جي ورجائي)

## پيربخش پياسي

### سهڻي

'سهڻي' تنهنجي جيت امر آ،
سنڌ، سنڌين سين پريت امر آ،
سينڌ سينڌو سرهاڻ سگنڌ تون،
صدين جي سڪ پيار سپنڌ تون.
تنهنجي جوت سان گلشن روشن،
مرڪي پيا گل پن پن من من
تنهنکي ڪير مٽائي سگهندو؟
تن جي سونهن گهٽائي سگهندو؟
تنهنجي دل ۾ پور جو جاڳيو،
دل دل جو سو سور آ ساڳيو،
تو ئي گهائل گهور سڃاتو،
نئين نسل جو طور سڃاتو.
جنهن به هيئين تو هنڊايو آهي،
تنهن ويهي درد ونڊايو آهي،
ڪيئن سو جند ڇڏائي سگهندو؟
تون ڇٿو ڪيئن ڀلائي سگهندو؟
تو وائي بيت 'اياز' جو آهي.
گيت نظم 'شهباز' جو آهي،
کهاڻي تنهنجي 'امر' جي آهي،
انتها جنهنجي نثر جي آهي
لفظ لفظ جن تير آ ڀالو.
ست ست تن جي پري مشعالو،
تنهنکان ڪير بچائي سگهندو؟
پنهنجو پاڻ لڪائي سگهندو.

## انور

# دنيا

هيءَ سچ نگري ناهي
دنيا آهي
هت تون ٿو رهين
هت مان ٿو رهان
هت ماڻهو ماڻهوءَ کاڻ جيئي
ٿو جيئي مري ۽ مري جيئي
ڪو سور پٽي
ڪو جهير سهي
ڪو ڪِري جُهري
تہ بہ دنيا ڪارڻ جيرو رهي
هي دنيا آهي....
جت ساز وڄن
جت ناز ٿين
جت تند پٽلي
جت مور نچي
جت سينڌ وڄي
سر پينڊ لڳي
هيءَ دنيا آهي....
هت ڪاريون اکڙيون ڪاڪ محل
هت شيريون اکڙيون شيش محل

هت نيريون اڪڙيون نيل ڪمل
۽ گهُور اکيُن گهوڙا ڙي گهل

هيءَ دنيا آهي....

هت سونهن مٿيءَ جو سات ملي
هت پونءَ مٿي پرڀات ملي
هت نينهن ملي هت ذات ملي
هت پور نماسي رات ملي

هي دنيا آهي....

هت ڏاڍ ڏمر جو زور ٿئي
هت ماڙهو ڌرتيءَ گهور ٿئي
هت ڪند ڪڏي ۽ ڪُور ٿئي
هت تند تپي هت شور ٿئي

هيءَ دنيا آهي....

هت مغرب، مشرق وچ ايشيا،
هت هند چيني هت آفريڪا،
هت پورا ڪارا آمريڪا
هت سائو سمنڊ ريتي ايشيا

هيءَ دنيا آهي....

هن دنيا جو دستور جيئڻ
آڪوڙي ڏاهپ جيئري مرڻ
چڏ وحدانيت جو روڳ پيڻ
آ جوانڻي ماڻ ۽ سک جيئڻ
هيءَ مڃ نگري نا، دنيا آ
هيءَ دنيا آ، هيءَ دنيا آ.

### سرفراز راڄڙ

## پيت

تنهنجي محبت ۽ خلوص
قرباني جي سولي تي چڙهي
مون لاءِ تو سيکجهه سٺو
ان جي بدلي ۾ مون
تنهنجو هر ارمان ڪچليو
گهڙي گهڙي ڏنم ڏنم.
مان ڪٺور دل آهيان
تون مون بي درد کي پنهنجي
معصوم دل مان ٻاهر ڪڍ
مان پيار جي قابل ناهيان.

## سپنا

منهنجا سپنا ڪوڙا سپنا
تقدير ڏنا ڪهڙا سپنا
هلندي گهمندي ڏسندو آهيان
پاڳل ماڻهوءَ جهڙا سپنا،
ظالم ماڻهوءَ ٽوڙيا آهن
سمجهي جهڙا تهڙا سپنا.
افسوس تو جهڙو ڪٺو ماڻهو
ڪيڏو نه بي درد نڪتو،
ٽوڙي منهنجا سارا سپنا
پيار ۾ خود غرض نڪتو.

آزاديء کانپوء ...

# مضمون

ڈاکٹر غلام علی الانا

رهبر ڈائجسٽ

# پرک

طارق اشرف

پڑهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# آزاديءَ کان پوءِ (١٩٤٧ع) سنڌي زبان لاءِ جدوجهد

## باب ٻيون

### ١- ادبي سجاڳي

١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي آزادي ملي. سنڌ مان ڏهه لک سنڌي هندو، هندستان لڏي ويا. آزاديءَ کان اڳ سنڌ ۾ ڇاپخانن ۽ ڪتاب گهرن جا مالڪ هندو هئا، انهيءَ ڪري هندن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جا ڪتاب گهر بند ٿي ويا ۽ ڇاپخانا به ٻورجي ويا. انهن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌي زبان ۾، ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو ڪجهه وقت لاءِ رُڪجي ويو.

ڇهن پنجن مهينن کان پوءِ، اڳڀرائي ڪندڙ ڪي سنڌي بزرگ سجاڳ ٿيا. هو هندو اديبن جون خالي ڪيل ادبي ۽ علمي جايون پرڻ لاءِ اٿيا. هونئن به ته انگريزن واري دور ۾، جيئن باب پهرئين ۾ بيان ڪيو ويو آهي، هندو اديبن ۽ شاعرن سان گڏ ڪيترائي مسلمان اديب ۽ شاعر به سنڌي علم ادب جي باغ جي آبياري ڪرڻ ۾ ساڻن همشريڪ هئا. جهونا مسلمان اديب ۽ عالم، جهڙوڪ: مرزا قليچ بيگ، فاضل شاهه، غلام محمد شاهه 'گدا'، 'ماتم'، 'ابوجهو'، 'سانگي' ۽ 'بلبل' ته انهيءَ دور ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا، پر احمد چاڳلا، آغا عبدالنبي، پير حسام الدين شاهه راشدي، پير علي محمد شاهه راشدي، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر دائود پوٽو، محمد صديق 'مسافر'، لطف الله 'بدوي'، خان بهادر ميمڻ، علي خان ابڙو، مولائي شيدائي، ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اڃا پنهنجي ادبي جوانيءَ ۾ هئا. انگريزن جي زماني ۾ (١٩٣٥ع کان) ترقي پسنديءَ واريءَ تحريڪ سنڌ جي ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن کي به متاثر ڪيو هو. انهن نوجوانن ۾ شيخ مبارڪ 'اياز'، سائينداد سولنگي، اياز قادري، شيخ عبدالستار، شيخ عبدالرزاق 'راز'، ۽ سرائي آميد علي خاص ليکڪ هئا. سرائي

اُميد عليءَ کان سواءِ باقي سڀئي، ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي قلم کي تيز هلايو، ۽ جديد مطالعي ۽ فڪر سان، آزاديءَ جي ابتدائي زماني واري ادب کي سيراب ڪيو.

هن دور جي شروع ٿيڻ سان ئي علامہ آءِ . آءِ قاضي، ڊاڪٽر دائود پوٽي، پير حسام الدين راشدي، مرحوم عثمان علي انصاري، مولائي شيدائي، آغا تاج محمد، لطف الله بدوي، محمد صديق مسافر ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙن اعليٰ معيار وارن اديبن ۽ ڪن نوجوان ليکڪن ۽ شاعرن، سنڌي ادب، تاريخ، ثقافت ۽ تنقيد تي مقالا لکي، قوم جي سُتل جذبن کي جاڳائڻ، ۽ نوجوانن ۾ ادبي ذوق اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن وقت ڊاري ڪي ڪتاب شايع ٿيا، ۽ ساڳئي وقت ماهوار رسالا بہ نڪتا، جيڪي علمي ۽ ادبي بيداريءَ ۽ سنڌي قوم جي زنده هجڻ، ۽ پنهنجيءَ زبان جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو ثبوت ڏين ٿا. انهن رسالن ۾ نئين زندگي، عام راهہ، آفتاب ۽ فردوس قابلِ ذڪر آهن. ڪتابن ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ جو 'لطف اللطيف'، مرحوم غلام محمد شهوانيءَ جو مرتب ڪيل 'شاهہ جو رسالو ۽ 'ادبي اصول'، محترم آغا بدرالدين جو حج جو فلسفي ۽ سفر حجاز متعلق 'مسافر حجاز'، محترم ڪريم بخش چنا جو 'تاريخ تمدنِ اسلام'، محترم عبدالڪريم سنديلي جو 'وينجهار'، خان بهادر محمد صديق ميمڻ جي 'سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱو ٢'، موسوي برادران جا 'ڪچ ڪوڏيون' 'سرهاڻ' ۽ 'سڳنڌ' خاص نمائنده ڪتاب آهن.

ساڳيءَ طرح هن وقت ڊاري ڪيترائي ڪتاب ترجمو بہ ٿيا. محترم محمد ابراهيم جويي جو 'ايميلي عرف تعليم'، روسي جي ڪتاب جو ترجمو، ساقي سجاوليءَ جو 'پيغمبر' خليل جبران جو ترجمو، ۽ قاضي عبدالحيّ 'سليم' هالائيءَ جا ڪتاب 'اسلام' ۽ 'رسول پاڪ' ڪافي اهميت وارا آهن. اهڙيءَ طرح افسانوي ادب ۾ بادام بيگم 'ناتوان' جو 'شڪستہ زندگي' ۽ محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جا تاريخي ناول اياز قادري ۽ شيخ اياز جا افسانن جا مجموعا سنڌيءَ ٻولي جا مثالي ڪتاب آهن. بلڪل ساڳيءَ طرح سياست تي محترم جي-ايم- سيد

غلامي پيدا ڪرڻ لاءِ اردو ٻوليءَ کي اسلام، پاڪستان، ۽ قوميءَ جي نالي ۾ اسان تي زوريءَ مڙهڻ ۽ اسان جي مادري زبان کي هٽائڻ گهرن ٿا، ته جيئن اسان مان خوددي نڪري وڃي، خودداري ڳرتي وڃي ۽ اسين ذهني طرح سندن غلام بڻجي وڃون، پنهنجو امتيازي شان وڃائي ويهون.

ليڪن اسان جا بزرگ ۽ نوجوان سجاڳ هئا. هن دعوا لاءِ ماهوار نئين زندگيءَ رسالي جي ١٩٥١ع واري سال جا پرچا، دليل طور پيش ڪري سگهجن ٿا. فبروري ١٩٥١ع واري پرچي جي ايڊيٽوريل ۾، رسالي جو ايڊيٽر، مولانا عبدالواحد سنڌي لکي ٿو:

”اسان کي خوشي آهي ته سنڌي ادب ۾ هڪ هلچل پيدا ٿي چڪي آهي، سنڌي رسالن ’عام راهه‘ ’فردوس‘ ’آفتاب‘ ’منزل‘ وغيره اسان جي ڊڪ ڊوڙ ۾ اسان جا سنگتي آهن.

اپريل ١٩٥١ع واري پرچي ۾، مولانا عبدالواحد سنڌي صاحب لکيو آهي:

”رسالو نئين زندگي ڏينهون ڏينهن واڌاري ۽ ترقيءَ جي منزل ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي. سنڌي ادب، تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي خير خواهن ’نئين زندگيءَ جي مقصد کي سمجهي ورتو آهي.

اسان کي گهڻي قدر خوشي ۽ مسرت آهي ته ڏينهون ڏينهن نوجوانن جو ڌيان پنهنجي ادبي خدمتگوار ڏانهن وڌي رهيو آهي. ڪيترا نوجوان آهن، جو پنهنجي ادبي شاهڪارن سان رسالي جي صفحن کي آراسته ڪري رهيا آهن. اداره نئين زندگيءَ جي نزديڪ اهو چوڻ غلط ثابت ٿي چڪو آهي ته ’سنڌي نوجوانن ۾ غفلت، لاپرواهي ۽ سستي آهي.‘ اسان جو هڪ سال جو تجربو ٻڌائي ٿو ته سنڌي نوجوان بيدار آهن، ۽ انهن ۾ نه ڪا غفلت آهي ۽ نه ڪا لاپرواهي هو وڏا همدرد، مخلص ۽ مستعد آهن.“

مولانا صاحب جون ١٩٥١ع ۾ لکي ٿو:

”قومن جي زنده هجڻ جو اندازو سندن زبان ۽ ادب جي

سان گڏ سنڌ ۾ آئي هئي، پر سنڌ جي ماڻهن، پنهنجي روزمره جي ڪاروبار لاءِ سنڌي زبان کي ترجيح ڏيئي، پنهنجو وسيلو بنايو؛ ايتريقدر جو خود عرب واپارين، عالمن ۽ مبلغن کي لازمي طور سنڌي زبان سکڻي پيئي. عربي زبان ڪجهه وقت هلي، پر نيٺ مدرسن ۾ بہ ذريعہ تعليم لاءِ عربي زبان جي جاءِ سنڌي زبان ورتي. ساڳي حالت فارسي زبان سان بہ ٿي. اٺ سو سال فارسي ٻولي سرڪاري ۽ دفتري زبان رهي، پر تنهن هوندي بہ اها صرف سرڪاري دفترن تائين ئي محدود رهي، ۽ عوام جي دلين کي موهي، ڏيهي زبان جي جاءِ وٺي نہ سگهي.

١٩٥٥ع ۾ مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي ملائي وحدت مغربي پاڪستان (One unit) ناهڻ کان اڳ تائين، سنڌي زبان کي پنهنجيءَ صوبائي حڪومت ۽ سنڌيدان عوام، ٻنهي جي سرپرستي حاصل هئي. انهيءَ سبب جي ڪري اهو ئي دور سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ جو سچو پچو بنيادي دور آهي. هڪ پاسي حڪومت کي خيال آيو تہ سنڌي زبان ۽ آن ۾ پيدا ٿيندڙ ادب جي ترقي ٿئي، تہ ٻئي پاسي عوام محسوس ڪيو تہ تهذيب ۽ تمدن جو قيام ۽ بقا، صحيح ۽ صحتمند ادب کانسواءِ ناممڪن آهي، ۽ انهيءَ ڪري ٻنهي جي طرفان قديم ۽ ڪلاسيڪي ادب جي زنده ڪرڻ، ۽ جديد ادب جي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿيون ۽ تعليمي ادارن لاءِ نوان ڪتاب لکرايا ويا.

ساڳئي وقت سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان بي-اي، بي-اي (آنرز) ۽ ايم-اي (سنڌي) لاءِ سنڌيءَ جي نصاب لاءِ معياري ڪتابن جي تلاش ٿي. سنڌ صوبي جي حڪومت بهترين تصنيف لاءِ انعامن ۽ معاوضن ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. انهن سڀني تحريڪن ڪري ١٩٤٧ع کان ١٩٥١ع تائين يعني چئن سالن جي عرصي ۾، سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ ۽ بقا لاءِ ڪيترائي ادبي مرڪز ۽ انجمنون ٺهيون، جن ڪيترائي قيمتي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا. اهي ادبي مرڪز ۽ انجمنون ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، شڪارپور، هالا ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ قائم ڪيا ويا، جتي تخليقي ۽ تعميري ادب پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿيون. انهن ادبي مرڪزن ۽ انجمنن مان ڪي هي

هيون:

(i) **مهراڻ پبلشينگ ڪمپني ڪراچي** - هن اداري جو روح روان سنڌ جو مشهور مفڪر، اهل قلم ۽ سياسي رهنما محترم شيخ عبدالحميد سنڌي هو.

(ii) **سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي** - هي ادارو ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي ڪوشش سان قائم ٿيو.

(iii) **سنڌ سرڪار طرفان مقرر ڪيل ڪاميٽي** - هن اداري کي سنڌ سرڪار هڪ لک رپيا گرانٽ طور ڏنا، انهيءَ لاءِ ته اها رقم سنڌي ادب ۽ زبان جي ترقيءَ لاءِ خرچ ڪيا وڃن.

(iv) **سنڌي سڌار سوسائٽي لاڙڪاڻو** - هن سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ 'اديب سنڌ' رسالو نڪرڻ لڳو، جنهن ۾ ادب ۽ شعر تي معلوماتي ۽ تنقيدي مضمون شايع ٿيندا هئا. فون اديبن کي هن رسالي گهڻو همٿايو.

انهن ۽ ٻين ادارن طرفان ١٩٤٧ع کان آگسٽ ١٩٥١ع تائين ڪل ٥٧ کن ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا، جيڪي ادبي، تنقيدي، تعليمي، سياست، تاريخ، سيرت، سوانح، درسي، نظم، ناول، ناٽڪ، سير و سفر، انشاء، اخلاقيات، مذهبيات ۽ ڪهاڻين تي مشتمل هئا.

١٩٥٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻين شعبن سان گڏ سنڌي شعبو به شروع ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن قدم سنڌي جي زبان اهميت کي هيڪاري وڌايو. سنڌي زبان هاڻ پوسٽ گرئجوئيٽ سطح تائين پڙهائجڻ لڳي. هونئن به ته سنڌي ادب ۾ ڪا کوٽ ڪانه هئي ، تنهنڪري ايم - اي جي نصاب مقرر ڪرڻ مهل سنڌي زبان جي ماهرن کي ڪابه اٽڪ يا رڪاوٽ ڪانه ٿي.

هي ئي زمانو هو جڏهن حيدرآباد شهر ۾ 'سٽي ڪاليج' شروع ٿيو. هن ئي زماني ۾ سيد ميران محمد شاهه مرحوم، آغا تاج محمد مرحوم ۽ محترم جي- ايم سيد جي ڪوشش سان سنڌ جي سدا حيات شاعر ۽ سنڌين جي دنوي ۽ روحاني رهنما شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهه تي، سنڌي ادبي ڪانفرنس ۽ لطيف جي ڪلام ۽ راڳ جي

هونئن ته ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان سنڌي ۾ راڳ جو پروگرام نشر ٿيندو هو، مگر سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا خدمت ريڊيو حيدرآباد ڪئي آهي، سا هميشه ياد رهندي. هن ريڊيو نوان نوان فنڪار، نوان نوان ڳائڻا، ۽ نوان نوان مقرر پيدا ڪيا آهن. هن ريڊيو سنڌين کي سنڌي راڳن ٻڌڻ جو نئين سر شوق ڏياريو. ابراهيم جا سريلا آلاپ، جمن جون نئيون ڌنون، مصري خان جماليءَ جون بينون ۽ شاهه محمد نابينيءَ جا لهرا سنڌين کي پنهنجي فن جي اهميت جتائي آهي. انهيءَ ڪري هاڻ ٻوڌن ۾ اردو ڳانن ۽ راڳن جي بدران سنڌي سنگيت کي وڏيڪ پسند ڪيو پيو وڃي. (هلندڙ)

هن مضمون جو پهريون باب 'نئين زندگي' مخزن ۾ ڇپيو هو.

---


ورهاڱي کان اڳ جو هڪ اڻ لڀ ڪتاب

# اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون

## (ريگستاني ڦول)

ورهاڱي کان اڳ جي تيرهن مشهور ڪهاڻيڪارن جون ۱۳ اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون

ٽه رنگو ٽائيٽل صفحا هڪ سؤ ٻارنهن قيمت ڏيڍ رپيو

ڪنهن به ايجنٽ کان وٺو يا اسانکان گهرايو

سوڀي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ

سگهي. اهڙيءَ هڪ ڪوشش رهبر ڊائجسٽ ۾ ٽي مهينا اڳ به ڪئي هئي، ۽ پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ ٽر جي سنڌي هندن خلاف لکيو هئائين. پر اهڙو ماحول نه ڏسي وري انهيءَ تان ڦرڻي ڪاڏائين. اِهي اسلام جا نام نهاد ٺيڪدار، آمريڪي ايجنٽ، سرمائيدار جا پڇ لٽڪائو. اِهي سوشلزم ۽ ڪميونزم جي سخت خلاف آهن، اِهي چين ۽ روس جا دشمن آهن، پر پنهنجي مفاد ڪارڻ اڄڪلهه مائوزي تنگ ۽ چين جي حمايت ۾ نعرا هڻي اِهو ٿا ثابت ڪرڻ گهرن ته ترقيءَ پسند ليکڪ ته چين ۽ مائوجا دشمن آهي، ۽ اِهي چين ۽ مائو جا سڄڻ آهن. رسول بخش پيلجي جو شمار سنڌ جي وڏن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو ۽ سندس خيال سوشلسٽ آهن. ۽ سوشلسٽ نظريات جي صحيح ڄاڻ خاطر هن مائوزي تنگ ڪتاب به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو هڪ سٺو ڪتاب آهي. پر رهبر ڊائجسٽ رڳو پڙهندڙ کي غلط تاثر ڏيڻ لاءِ، انهيءَ ڪتاب تي غلط رنگ ۾ تبصرو ڪري رهيو آهي، ته جيئن پڙهندڙن جو اميج (Immage) خراب ڪجي، پر شايد رهبر ڊائجسٽ وارن کي اِها خبر ڪانهي ته سنڌ جو پڙهيل لکيل عوام ۽ سنڌ جو هر سڄڻ، مودودي جماعت کان نفرت ڪري ٿو، سندن انهن ڪريل حرڪت جو اثر اُنهن تي ڪونه ٿيندو.

پنهنجي نظريئي ۽ اصول مطابق، ڪجهه وقت اڳ رهبر ڊائجسٽ مشهور ليکڪ الطاف شيخ جي هڪ طويل سفرنامي کي ڪٽي، فقط اُهو ٽڪر ڇاپيو، جنهن ۾ الطاف هڪ هندو گهراڻي جي شڪايت ڪئي هئي، جيتوڻيڪ الطاف جي گهڻن ئي سفرنامن ۾ سنڌي هندن جي تعريف ۽ سنڌ لاءِ محبت جو ذڪر ڪيل آهي. جنوريءَ واري پرچي ۾ الطاف جي احتجاج تي ايڊيٽر صاحب لکيو آهي ته: 'الطاف شيخ جو ڪتاب شايع ٿي ويو هو، ۽ اِهو مضمون (جنهنجو آپريشن ڪيو ويو) به انهيءَ ۾ شامل هو، تنهنڪري اسان اهو ٽڪر ڪڍي شايع ڪيو.' اسين ايڊيٽر صاحب کان پڇون ٿا ته سڄي مضمون مان اوهان فقط اِهو ٽڪر ئي ڇو منتخب ڪيو؟

ٿورو وقت اڳ ڪن سنڌي ڪتابي سلسلن ۽ رسالن کي ماهوار سهڻيءَ جي باري ۾ غلطفهمي ٿي پئي، ۽ انهن سهڻيءَ جي خلاف

